# سائنس

اپريل ١٩٧١ع

## اندرين جهلڪ


خاص مضمون:- "وقت ڇا آهي؟"

- پڇڙ تارا
- زندگيءَ جي ابتدا
- زندگيءَ جون علامتون
- پاڪستان ۾ بجليءَ جي ترقي
- چمڙو
- تماڪ
- سائنس جي رفتار
- "ابن الهيثم"
- ٻارن جا صفحا






ڊئريڪٽوريٽ آف ايجوڪيشن حيدرآباد ريجن طرفان منظور ٿيل

# ماهوار سائنس

ايڊيٽر
ڊاڪٽر ممتاز علي قاضي

سال (١) — پرچو (۴)

اسسٽنٽ ايڊيٽر
ظفر حسن - مرتضيٰ ڀٽي

قيمت
في ڪاپي ٦٠ پئسا
ساليانو ٧ رپيا

اپريل ١٩٧١ع

دفتر ادارت
انسٽيٽيوٽ آف ڪيمسٽري
سنڌ يونيورسٽي - ڄامشورو
فون نمبر - 5981/9

ناشر ۽ منتظم
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
سنڌ يونيورسٽي - حيدرآباد
فون نمبر - 2339

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro. پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# فهرست


| مضمون | لکندڙ | صفحہ |
|---|---|---|
| قرآن ۽ سائنس | اداره | ۲ |
| ايڊيٽوريل | اداره | ۳ |
| وقت ڇا آهي | عطامحمد شيخ، بي-ايس-سي، لاڙڪاڻو | ۵ |
| پڇڙ تارا | غلام اصغر چنه<br>اسٽوڊنٽ انٽر سائنس، گورنمينٽ ڪاليج لاڙڪاڻو | ۷ |
| پڙهندڙن جا پيغام | اداره | ۱۲ |
| زندگيءَ جي ابتدا | ڊاڪٽر احمد محي الدين<br>زولاجي ڊپارٽمينٽ سنڌ يونيورسٽي<br>مترجم: شمس الحق اسماعيل | ۱۳ |
| زندگيءَ جون علامتون | شفيع محمد جمالي- بي- ايس سي<br>کهڙا شريف (ضلع خيرپور ميرس) | ۱۷ |
| پاڪستان ۾ بجليءَ جي ترقي | انوارالدين احمد قريشي<br>شعبه برقي- سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج | ۱۹ |
| جمڙو | محبوب علي جوکيو، ايم - اي ؛ بي ٽي<br>گورنمينٽ هاءِ اسڪول - سينارجا (ضلع خيرپور) | ۲۱ |
| تماڪ | اورنگزيب شيخ<br>انسٽيٽيوٽ آف ڪيمسٽري- سنڌ يونيورسٽي | ۲۳ |
| سائنس جي رفتار | اداره | ۲۶ |
| 'ابن الهيثم' | اداره | ۲۷ |
| ٻارن جا صفحا | | ۲۹ کان ۳۰ |



**"سائنس"** جو چوٿون پرچو قارئين ڪرام جي خدمت ۾ پيش آهي. دستوري ريت هن پرچي لاءِ به مفيد ۽ بامقصد مواد سهيڙڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي ويئي آهي. اسانجي رٿيل پروگرام مطابق متعين منزل جيتوڻيڪ اجا اڳتي آهي پر هن رسالي جي اجراء جي شروعاتي دؤر ۾ ئي پيدا ٿيل خوشگوار تاثرات سان مقصد ۾ ڪاميابيءَ جا ڪرڻا نظر اچي رهيا آهن. جنهنجو اندازو هن پرچي جي لکندڙن جي فهرست مان لڳائي سگهجي ٿو. پڙهندڙ حضرات به اها ڳالهه نمايان طور تي محسوس ڪندا ته "سائنس" جي موضوع تي لکندڙن جو هڪ نئون ۽ وسيع حلقو پيدا ٿي رهيو آهي. اها حقيقت ظاهر ٿيڻ ڪانپوءِ اسان سيني جي دلين مان اهو خدشو دور ٿيڻ گهرجي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ سائنسي مواد يا فني موضاعات تي لکندڙن جي ڪوٽ آهي.

قارئين ڪرام طرفان پرچي کي وڌيڪ دلچسپ ۽ تدريسي لحاظ کان مفيد بنائڻ لاءِ ذيل تجويزون ۽ صلاحون نوٽ ڪيون پيون وڃن. اسان کين وري به خاطري ڏياريون ٿا ته قابلِ عمل تجويزن تي جيترو جلد ٿي سگهيو عمل ڪيو ويندو.

ڪن دوستن اسانجو ڌيان گذشته پرچن ۾ شايع ٿيل ڪن مضمونن جي فني غلطين ڏانهن ڇڪايو آهي. اسان سندن اهڙي خيرخواهيءَ واري جذبه جو قدر ڪندي، ٿيل غلطين لاءِ معذرت طلب آهيون. البته پنهنجي طرفان اها وضاحت ڪرڻ ضروري سمجهون ٿا ته اسان وٽ پهتل مضمونن کي پريس ۾ موڪلڻ کان اڳ انهن جي ٻولي ۽ فني صحت برقرار رکڻ لاءِ انتهائي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي، باقي ڪي ڳالهيون اهڙيون ٿين ٿيون جن جو واسطو سڌيءَ ريت مضمون نگار سان رهي ٿو. تنهنڪري اسين اهل قلم حضرات کي پڻ ساڳئي وقت گذارش ڪريون ٿا ته اهي هن فني پرچي جي اهميت کي مد نظر رکندي ڪنهن به مشڪوڪ يا مبهم معاملي کي زير بحث آڻڻ کان پرهيز ڪن ۽ ڪنهن به موضوع تي قلم کڻڻ کان اڳ ان باري ۾ پنهنجي معلومات جي مڪمل تحقيق ۽ تصديق ڪن ته جيئن ڪنهن کي تنقيد جو موقعو نه ملي سگهي.

ڪن مضمون نگارن ترجمو ڪيل مضمونن جي باري ۾ پاليسيءَ جي وضاحت طلب ڪئي آهي. انهن کي جواباً عرض آهي ته ترجمي جي صورت ۾ ٻن ڳالهين جو خاص خيال رکڻ گهرجي. هڪ اها ته ترجمو لفظ بلفظ نه هجي بلڪ موضوع جو بنيادي خيال مترجم جي پنهنجن لفظن ۾ پيش ڪيل هجي. ٻيو ته اشاعت لاءِ موڪلڻ کان اڳ هنڪي اصل مصنف يا پبلشر کان اجازت وٺڻ گهرجي.

پرچي جي اشاعت ۾ دير پوڻ سبب پڙهندڙن کي انتظار جي جيڪا تڪليف ٿئي ٿي ۽ ڪاروباري افراد جي ضرورتن تي اثر پوي ٿو، ان کان اسين پوري ريت باخبر آهيون. انتظاميه طرفان هر ممڪن ڪوشش ڪئي پيئي وڃي ته جيئن پرچو مهني جي اوائلي تاريخن ۾ منظر عام تي اچي وڃي. اميد ته هڪ ٻن مهنن اندر اهڙو انتظام مڪمل ٿي ويندو. انهيءَ وچ ۾ واسطيدار حضرات ۾ توقع رکجي ٿي ته اهي پنهنجي ناراضگيءَ جي اظهار بدران اسانجي ڪوشش ۾ پنهنجو ساٿ ڏيڻ جو سلسلو برقرار رکندا.

غلام اصغر چنه



# پڇڙ تـــارا

انسان جيستائين ڪنهن ڳالهه کي نه سمجهيو آهي يا ڪا ڳالهه سندس فهم وادارڪ کان ٻاهر آهي، تيستائين هو انکي ڪنهن حد تائين پوڄي ٿو ۽ ان کان سڌي يا اڻسڌي طرح مرعوب رهي ٿو جيئن سج چنڊ ۽ مختلف تارا. پر جڏهن انسان انهن جي حقيقت کان واقف ٿي ويو. تڏهن هن جو به خوف لهي ويو ۽ انهن بابت وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ ۾ دلچسپي وٺڻ لڳو. ”پڇڙ تارا“ به انسان جي قديم زماني کان وٺي دلچسپي ۽ خوف جو باعث رهيا آهن.



هيلي جو پڇڙ تارو

**سائنسي** لحاظ کان سڀ کان پهرين ”ٽائيڪو براهي“ نالي سائنسدان ١٥١٧ع ۾ پڇڙ تاري جو مطالعو ڪيو. علم فلڪ جو هي ماهر آئزڪ نيوٽن ۽ وليم هرشل کان گهڻو اڳ ٿي گذريو آهي.

سڀني ڇاتل پڇڙ تارن ۾ مشهور ”هيلي“ جو تارو آهي. طاقتور دوربينن ذريعي مشاهدو ڪرڻ وارن کي هي

انڊيز ٽائين ۽ ويسٽ انڊيز کان انگلنڊ ٽائين وقت ۾ ڪوبہ فرق نہ ڏيکاريو ۽ مٿس گهم، گرمي ۽ سرديءَ جو بہ ڪو اثر نہ ٿيو. ڊگهائي ڦاڪ بہ ايتري صحيح ڏيکاريائين جو وڏ ۾ وڏ ۾ وڌ اڌ ڊگريءَ جو فرق رهيو. هن هڪ وزندار گهڙي (Massive-chrono meter) تيار ڪئي جنهن ڪجهہ قدر چڱو ڪم پئي ڏنو پر ان ۾ بہ ڪجهہ خاميون هيون. جان هيريسن پنهنجي ڪوشش جاري رکندي ۱۷۶۱ع ڌاري هڪ ننڍي واچ (Lumpy watch) تيار ڪري ورتي جنهنجو قطر ۵ انچ هو.

ان کان پوءِ دنيا جون وڏي ۾ وڏيون جهازن ناهڻ جو ڪمپنيون پنهنجن جهازن ۾ (Harrison's Chronometer) ”هيريسن جي گهڙي“ استعمال ڪرڻ لڳيون. هيريسن جون ناهيل گهڙيون اڄ تائين اصل حالت ۾ برطانيہ جي بحري ميوزم ۾ صحيح وقت ڏيکاري رهيون آهن. جيتوڻيڪ وقت (Time) جو مسئلہ ساموندي سفر ڪرڻ وارن لاءِ حل ٿي ويو تنهن هوندي بہ زمين جي وقتن ۾ بيحد مونجهارو رهيو، ڇاڪاڻ تہ گهڻن شهرن ۾ پنهنجو پنهنجو وقت هوندو هو تنهنڪري انهيءَ وقت کي ڪا خاص اهميت ڪانہ هئي. گذريل صديءَ ۾ سڄيءَ دنيا ۾ اهڙا وقت معلوم ڪرڻ جا ۱۳ تيرهن نشان مقرر ڪيا ويا. صرف امريڪا رياست ۾ ئي ستر (۷۰) قسمن جا اسٽئنبرڊ وقت هئا. وقت جو مسئلو آخرڪار وڃي ۱۸۸۴ع ۾ حل ٿيو، جڏهن ۲۴ ملڪن جا نمائنده واشنگٽن شهر ۾ اچي گڏ ٿيا تہ ڪهڙي شهر کي سڄي دنيا جي ”وقت جو رکوالو“ قرار ڏجي. امريڪا جي نمائندن برطانيہ جي شهر گرين وچ (Green wich) جي موافقت ۾ راءِ ڏني جنهن کان پوءِ برطانيہ کي ”جهازي دنيا“ قرار ڏنو ويو. دنيا جي ساموندي نقشن جا چارٽ برطانيہ ۾ ڪيا ويا ۽ پوري دنيا کي وقت جي دائرن (Zones) ۾ اوڀر ۽ اولهہ حصن ۾ ورهايو ويو. انهيءَ ناهہ تي اڪثريتي نمائندن پنهنجون صحيحون ڪيون ۽ اهڙيءَ طرح، **نيويارڪ** جو وقت، گرين وچ وقت کاٽو (-) ۵ ڪلاڪ، **سن فرانسسڪو** جو وقت، گرين وچ وقت کاٽو (-) ۸ ڪلاڪ، **نوم** جو وقت، گرين وچ وقت کاٽو (-) ۱۱ ڪلاڪ، **بغداد** جو وقت گرين وچ واڌو (+) ۳ ڪلاڪ ۽ **ٽوڪيو** جو وقت، گرين وچ وقت واڌو (+) ۹ ڪلاڪ مقرر ڪيو ويو. اهڙي طرح واڌو (+) ۽ کاٽو (-) وقت وڃي وچ پئسفڪ سمنڊ ۾ بين الاقوامي تاريخي ليڪ تي ملندا جتي ۲۴ ڪلاڪن جي ڪاٽ ڪوٽ ڪري سگهبي. انهيءَ طريقي سان معلوم ٿي سگهندو تہ فلاڻي شهر ۾ هن وقت ڪيترا وڳا آهن.

## دنيا جي ملڪن جي وقتن جو چارٽ

### جڏهن گرين وچ مين وقت ۱۲ بجہ منجهند هوندو آهي

| ملڪ | وقت | | |
|---|---|---|---|
| انگلنڊ | ۱۲-۰۰ | بجہ | منجهند |
| فرانس | ۱۲-۰۰ | ” | ” |
| جرمني | ۱-۰۰ | ” | ” |
| ڊينمارڪ | ۱-۰۰ | ” | ” |
| اٽلي | ۱-۰۰ | ” | ” |
| فنلئنڊ | ۱-۰۰ | ” | ” |
| ڏکڻ آفريقا | ۲-۰۰ | ” | ” |
| روس | ۳-۰۰ | ” | شام |
| اولهہ پاڪستان | ۵-۰۰ | ” | ” |
| هندستان | ۵-۳۰ | ” | ” |
| سلون | ۵-۳۰ | ” | ” |
| اوڀر پاڪستان | ۶-۰۰ | ” | ” |
| برما | ۶-۳۰ | ” | ” |
| ٿائيلينڊ | ۷-۰۰ | ” | ” |
| سينگاپور | ۷-۳۰ | ” | ” |
| فلپائينس | ۸-۰۰ | ” | رات |
| جپان | ۹-۰۰ | ” | ” |
| آسٽريليا | ۱۰-۰۰ | ” | ” |
| نيوزيلئنڊ | ۱۲-۰۰ | ” | ” |
| اولهہ آمريڪا | ۴-۰۰ | ” | صبح |
| اوڀر آمريڪا | ۷-۰۰ | ” | ” |
| ڪيوبا | ۷-۰۰ | ” | ” |
| ڪئناڊا | ۷-۰۰ | ” | ” |
| ارجنٽائين | ۷-۰۰ | ” | ” |

ڊاڪٽر احمد محي الدين

مترجم- شمس الحق اسماعيل.

# زندگيءَ جي ابتدا (The Origin of Life)

**زندگي** چا آهي؟ انهيءَ جو اصلي بنياد ڪيئن پيو؟ موت ڇو ممڪن آهي؟ اهي اهڙا سوال آهن جيڪي صدين کانوٽي، انسان جي ذهن ۾ اڀرندا رهن ٿا. موت جو تصور انسان کي هر دور ۾ ڏيجاريندو رهيو آهي ۽ انهيءَ ڳالهه انسان کي زندگي جي نوعيت ۽ انجي خاتمي بابت سوچڻ لاءِ مجبور بڻي ڪيو آهي. اهڙي قسم جي غورو فڪر جو سلسلو قديم زماني کانوٽي فلسفين، يوناني ليڪن جهڙوڪ: ڪينٽ (Kant) گوئٽي (Goethe) همبولٽ (Humboldt) برگسان (Bergson) ۽ اسانجن مسلمان فلسفين، درويشن ۽ صوفين جي تصنيفات ۽ تحقيقات جو محور رهندو پئي آيو آهي. درحقيقت انهن زندگي جي مقابلي ۾ موت بابت وڌيڪ جستجو ڪئي آهي، چاڪاڻ ته سيني مذهبي عقيدن مطابق زندگيءَ جي تخليق الله تعاليٰ جي قدرت جو ڪرشمو آهي. انسان کي خود ڏٺي تعاليٰ جي طرفان هدايت ڪيل آهي ته "هوزمين ۽ آسمان ڏانهن ڳوڙهي فڪر سان ڏسي ته جيئن کيس ڪائنات جي لڪلرازن جي ڄاڻ حاصل ٿي سگهي." اهڙي طرح تخليق ڪائنات ۽ زندگي جي ابتداجي باري ۾ سورة الانبياءِ ۾ ارشاد ٿئي ٿو ته:

"ڇا نه ڏٺو (ڪافرن) ان وقت ته آسمان ۽ زمين پاڻ ۾ مليا پيا هئا ۽ پوءِ اسان انهن کي جدا ڪيو ۽ پاڻي، جنهن سان هر شي کي زنده ڪيو، ڇا هو ايمان نه آڻيندا".

اهڙي طرح هندن جي مذهبي ڪتاب "رگ ويد" ۾ به انهيءَ ڳالهه جو اشارو آهي ته زندگي جي شروعات پاڻيءَ مان ٿي آهي.

انساني تاريخ جي هن زرين سائنسي دور ۾ اڄ به هن مسئلي تي اسانجي معلومات محدود آهي. سائنسي نقطہ نظر سان زندگيءَ جي ابتدا جو مسئلو اڃا بلڪل نئين شي آهي. تجرباتي نقطہ نظر سان انهيءَ ڏس ۾ اسانجي سموري معلومات پندرهن سالن کان وڌيڪ پراڻي نه آهي. زندگي جي ابتدا جي مسئلي کي سمجهڻ لاءِ حياتي ڪيميا (Biochemistry) نامياتي ڪيميا (Organic Chemistry) طبيعي ڪيميا (Physical Chemistry) خورد حيات (Microbiology) علم جين (Genetics) علم ارض (Geology) ۽ علم فلڪ (Astronomy) جي مجموعي ڄاڻ هجڻ ضروري آهي. انهيءَ سلسلي ۾ اڃا تائين ڪي اهڙا پڪا ثبوت به نه مليا سگهيا آهن جن جي بنياد تي زندگي جي ابتدا جو نظريو قائم ڪري سگهجي. مثال طور اڃا تائين اسانکي اها پڪي خبر نه پئجي سگهي آهي ته اسانجي ڌرتي ۽ نظام شمسي ڪيئن ٺهيا ۽ نه ئي اها خبر يقيني طرح آهي ته قديم ڌرتي (Primitive earth) جي سمنڊن، درجہ حرارت ۽ فضا جي ڪهڙي ڪيفيت هئي. نه وري اسانکي اها خبر آهي ته سڀ کان قديم جاندار جي ڪيفيت ڪهڙي هئي، سواءِ انجي ته هن ڌرتي جو وجود پنج ارب سال پراڻو آهي ۽ هن سياره تي زندگي جي ابتدا ٽي ارب سال اڳ ٿي هوندي.

**مسئلي جي ابتدائي چنڊڇاڻ:** يورپ ۾ علمي سجاڳي جي تحريڪ (Renaissance) جي دوران ۽ ان کانپوءِ جاندار شين جي ازخود توليد (Spontaneous Generation) جو خيال منظر عام تي آيو ۽ گذريل صدي تائين عام طور تي اهو تسليم ڪيو پئي ويو آهي ته زندگي بي جان (Non-Living) شين مان ازخود توليد جي عمل سان مسلسل ظاهر ٿيندي رهي آهي. ان سلسلي ۾ اهو مثال ڏنو ويو جيڪو اڄ به ڏيئي سگهجي ٿو ته جيڪڏهن گوشت کي کليل ڇڏي ڏجي ته ڪجهه عرصي کانپوءِ ان ۾ ڪيئان ظاهر ٿيڻ لڳندا آهن جيڪي ڪجهه وقت کانپوءِ وري مکين جي صورت اختيار ڪندا آهن. پراڻي زماني جي ماڻهن جي خيال مطابق مکين جي پيدائش به اهڙي طريقي سان ٿي آهي. اهڙيءَ طرح تيز بارش کانپوءِ ڏيڏرن جو اوچتو ظاهر ٿيڻ به اهڙي ئي ابتدا جو هڪ مثال سمجهيو ويو.

١٦٨٨ع ۾ "ريڊي" (Redi) نالي هڪ سائنسدان ٻڌايو ته جيڪڏهن گوشت کي ڍڪي رکيو وڃي ته ڪيئان ظاهر نه ٿيندا. چاڪاڻ ته ڍڪيل هجڻ ڪري مکيون

پهنجا آنا نہ لاهي سگهنديون ، پر هن جي خيال سان ڪنهن بہ اتفاق نہ ڪيو. ان ڪانپوءِ "اسپالنزاني" (Spallanzani) نالي هڪ ٻئي سائنسدان ۱۷۵۶ع ۾ خورد جيون (Micro-Organisms) تي ڪم ڪندي ٻڌايو تہ جيڪڏهن انهن کي بند ٿيل منهن واري هڪ شيشي ۾ وجهي ان کي گرم ڪجي تہ پوءِ اهي خورد جيو پاڻيهي پيدا نہ ٿيندا. پر انهيءَ نظريہ تي بہ سخت اعتراض ڪيا ويا ۽ انهن اعتراض ڪندڙن ۾ نيڊهم (Needham) جهڙو هوشيار سائنسدان بہ شامل هو. اعتراض هي هو تہ گرم ڪرڻ سان شيشيءَ ۾ بند ٿيل شي مان قوت حيات (Vital Force) ختم ٿي وڃي ٿي ۽ جيڪڏهن ان بوتل اندر تازي هوا داخل ڪئي وڃي تہ وڃايل قوت حيات واپس اچي سگهي ٿي ۽ اهو هڪ لازمي امر پڻ آهي، ڇاڪاڻ تہ هوا سان گڏ بيا نوان خورد جيو ان بوتل ۾ داخل ٿي سگهن ٿا.

آخرڪار ۱۸۶۲ع ۾ پاسچور (Pasteur) نالي هڪ سائنسدان ازخود توليد جي نظريہ جو انت ڪيو ۽ تجرباتي طور ثابت ڪري ڏيکاريو تہ زندگي صرف زندگيءَ مان ئي پيدا ٿي سگهي ٿي. لاحيات ماده ڪڏهن بہ زندگي پيدا ڪري نٿا سگهن. هاڻي سوال هي اٿيو تہ جيڪڏهن پاسچور جو نظريو صحيح آهي تہ پوءِ پهرين زندگي جي ابتدا ڪهڙي نموني ٿي هوندي؟ ان ڪري هي مسئلو جيئن جو تيئن رهجي ويو ۽ اڳتي وڌي نہ سگهيو. ان وقت تائين ڊارون (Darwin) ۽ والس (Wallace) ۱۸۵۸ع ۾ فطري انتخاب (Natural Selection) جي بنياد تي ارتقا (Evolution) جو نظريو پيش ڪري چڪا هئا پر انهيءَ نظريہ بہ ارتقا کان پوءِ وارن مرحلن ڏانهن نشان دهي ٿي ڪئي، تنهن ڪري زندگي جي ابتدا کي سمجهڻ لاءِ هنن جي نظريہ مان بہ ڪا مدد نہ ملي سگهي - ۽ جيئن تہ مذهبي نقطہ نگاهہ سان "تخليق" (Special Creation) جو نظريو سائنسدانن جي نظر ۾ تجربن جي حدن کان ٻاهر هو تنهنڪري وري پڻ نظريہ ڏانهن ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو ويو.

**شهاب ثاقب وارو نظريو :-** ۱۹۰۳ع ۾ "آرهينيس" (Arhenius) نالي هڪ سائنسدان شهاب ثاقب وارو نظريو پيش ڪيو. هن جي چوڻ مطابق زندگي جي ابتدا شهاب ثاقب جي ذريعي ٻاهرين خلا (Outer Space) سان سج جي شعاعن جي دٻاءَ تحت، زندگي جي ڪنهن مستحڪم شڪل جي صورت ۾ زمين تي پهچڻ ڪانپوءِ عمل ۾ آئي آهي. هن نظريہ تحت زندگي جي ڪا بہ ابتدا نہ آهي ۽ اها مادي وانگر هميشہ موجود رهي آهي. ٻئي طرف ڪجهہ سال اڳ (۱۹۶۱-۱۹۶۴ع) مينسچم (Meinschim) نالي سائنسدان ٻڌايو تہ ڪاربان ڪڙي (Carbon Chain) ۽ اماڻنوائسڊ جيڪي زمين تي زندگي رکندڙ ماده (Living Material) لاءِ لازمي جزا آهن سي آرگيل (Orgueil) نالي شهاب ثاقب ۾ پڻ موجود آهن. پر ساڳئي وقت ايبيزوف (Abyzov) نالي سائنسدان ۽ هن جي ساٿين جو چوڻ آهي تہ شهاب ثاقب زمين تائين پهچندي پهچندي خورد جيون سان خراب ٿي سگهن ٿا. هن قسم جي نظريہ کي بہ بحث کان خارج ڪري نٿو سگهجي ڇاڪاڻ تہ تازو يوري (Urey) نالي هڪ ٻئي سائنسدان هن نظريہ جي معقوليت جي تعريف ڪئي آهي.

ان بعد صرف هڪ صورت باقي رهجي وڃي ٿي اها آهي ازخود توليد وارو نظريو ، جنهن طريقي کي پاسچور غلط ثابت ڪيو آهي. اهو صحيح طريقي سان هڪ ئي دفعو عمل ۾ آيو هوندو يعني زندگي جي ابتدا وقت ڊارون هي خيال ظاهر ڪيو هيو تہ زندگي جي ابتدا غير نامياتي (Inorganic) شين مان ٿي سگهي ٿي پر اوپيرن (Oparin) ۱۹۲۴ع ۾ ۽ هالڊين (Holdane) ۱۹۲۷ع ۾ هن مسئلي تي غور و فڪر جي انداز کي بدلائي ڇڏيو ۽ اهيئي ٻہ سائنسدان آهن جيڪي موجوده تصور جا باني سڏيا وڃن ٿا.

**موجوده تصور جي شروعات :-** هالڊين، سمنڊ کي هڪ صاف ۽ نيم گرم شوروي سان پيٽ ڪندي ٻڌايو تہ ان ۾ موجود غير نامياتي ماده شايد الٽرا وايو ليٽ شعاعن جي اثر هيٺ نامياتي سالمن ۾ تبديل ٿي ويا هوندا. ۱۹۳۶ع ۾ "اوپيرن" خيال ظاهر ڪيو تہ زندگي جي ابتدا سمنڊن ۾ ٿي هوندي، پر هتي هڪڙي ڳالهہ قابل غور آهي تہ موجوده دؤر ۾ اسانجي ڌرتيءَ تي ازخود توليد جي نظريہ تحت زندگي ممڪن نہ آهي ڇاڪاڻ تہ ان لاءِ هيٺيون ڳالهيون ضروري آهن. (۱) اسانجو گرهہ (ڌرتي) هر قسم جي جيون کان پاڪ هجي. اهو انهيءَ ڪري ضروري آهي جو نئون نهيل نامياتي مرڪب ، زمين تي اڳيئي موجود جيون جو کاڄ ٿي ويندو. (۲) زمين تي اهڙي فضا هجي جنهن ۾ آزاد آڪسيجن جو وجود نہ هجي ڇاڪاڻ تہ آزاد آڪسيجن جي موجودگي ۾ (Oxidation) ذريعي نامياتي

ڊاءِ آڪسائيڊ، پاڻي ۽ توانائي عام آهن. هن عمل ذريعي جيڪا توانائي (Energy) حاصل ٿئي ٿي آها زندگيءَ جي بقا لاءِ نهايت ضروري آهي. چو ته توانائي جي حصول لاءِ ماده حيات کي ٽوڙڻ ضروري آهي. انهيءَ ذريعي جيڪو بيڪار مادو بچي ٿو انهيءَ جو اخراج جسم مان ضروري آهي تنهن ڪري نظام اخراج زندگيءَ جي ضروري علامت آهي.

(۴) زندگيءَ جي هڪ اها به خاصيت آهي ته جتي به آن جي موجودگي هوندي آتي احساس ماده به ضرور هوندو يعني هر زندگي رکڻ واري شي ۾ اها به صلاحيت ضرور هوندي آهي ته آهي خارجي حالات کان متاثر ٿين ۽ ضرورت آهر چرپر ڪن. ڪيترا ننڍا ٻوٽا اهڙا ٿين ٿا جن کي جيڪڏهن هٿ لائجي ته ڪومائجي وڃن ٿا ۽ ان جا حصا سُسي ننڍين شڪل اختيار ڪن ٿا. آهو زندگي جي موجود هجڻ جو پڪو ثبوت آهي. ساڳيءَ طرح جانورن ۾ به اها خاصيت بدرجہ اتم موجود آهي. جيڪڏهن ڪنهن جانور کي بک يا اُڃ ستائي ٿي ته اهو پنهنجي جاءِ تان چرپر ڪري پنهنجيون ضرورتون پوريون ڪرڻ جي ڪوشش ڪريٿو. ليڪن ٻئي طرف جيڪڏهن پٿر جي ٽڪر کي ڪيترا به ڌڪ هڻبا ته به پنهنجي جاءِ تان چرپر نه ڪندو.

(۵) جنهن به جسم ۾ احساس جو مادو آهي، قوت حرڪت انهيءَ جو لازمي نتيجو آهي. قوت حرڪت کان سواءِ احساس بي معني آهي. انهي ڪري زندگي رکڻ وارين شين جي هڪڙي نشاني اها به آهي ته آهي ضرورت آهر هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تائين چرپر ڪري سگهن ٿيون. چرپر جي قوت حيوانن ۾ ته بدرجہ اتم ٿيندي آهي پر نباتات ۾ ايتري نمايان نہ ٿيندي آهي جيتوڻيڪ ٿيندي ضرور آهي.

(۶) هر جاندار شي جا حصا مڪمل امداد باهمي جي اصول تي قائم آهن جيڪڏهن ڪو به هڪ حصو معذور ٿي وڃي يا جيڪڏهن ڪنهن به هڪ عضوي کي ايذاءُ رسيٿو ته سڄو نظام درهم برهم ٿيو وڃي ۽ ائين به ممڪن آهي ته زندگيءَ جو ڏيئو ئي وسامي وڃي.

(۷) جاندار شين جي سڀ کان وڏي خاصيت اها آهي ته انهن ۾ ٻيهر پيدائش (Reproduction) جو مادو هوندو آهي هر ٻوٽو ۽ هر جانور پنهنجي پنهنجي نوعيت جا ٻوٽا ۽ جانور پيدا ڪندا آهن. پراڻا ۽ ٻوڙها مري ويندا آهن ۽ وري نوان ۽ نوجوان پيدا ٿيندا آهن اهڙي طرح اهو سلسلو دنيا ۾ مدت کان وٺي هلندو اچي ٿو ۽ قيامت تائين هلندو رهندو.

آهي شيون جن ۾ مٿيون علامتون نہ هجن اهي مرده آهن. زندگيءَ جي سڀني نشانين جو جائزو وٺڻ کان پوءِ اها ڳالهه پوري وثوق سان چئي سگهجي ٿي ته دنيا جا سڀ نباتات ۽ حيوانات جاندار آهن ۽ مٿيون سڀ علامتون انهن ۾ موجود آهن. انهن کان سواءِ ڪائنات ۾ جيڪي ڪجهه موجود آهي. اهو سڀ زندگيءَ کان محروم آهي تنهن ڪري انهن جو شمار جمادات (Non living things) ۾ آهي.

(بقايا زندگي جي ابتدا- آندل صفحہ ۱۶ تان)

اوائلي جيو وجود ۾ آيا هوندا.

(۳) ٽئين مرحلي ۾ غير هوا باش ۽ دگر پرور (Heterotrophic) جيون، نامياتي جزن ۾ ڪمي هئڻ ڪري روشني جي ذريعي گهٽائڻ واري عمل (Photo reduction) کي توانائي جي وسيلي طور استعمال ڪرڻ شروع ڪري ڏنو.

(۴) چوٿون مرحلو روشنيءَ ذريعي ڪيميائي عمل (Photo Synthesis) جو آهي. ميٿين ۽ امونيا جي ٽُٽڻ ڪري ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ ($CO_2$) حاصل ٿي ۽ اهڙي طرح هن دور ۾ ساهوارا خود پرور (Auto trophic) ٿي پيا. مثال طور ٻوٽا جيڪي پنهنجي واڌ ۽ ڪوٽ (Metabolism) جي ڪري ٻيهريون دفعو آزاد آڪسيجن کي فضا ۾ داخل ڪرڻ جو باعث بڻيا.

(۵) پنجون مرحلو آڪسيجن جي تقليب جو آهي جا هڪ اهم ۽ نئين دور جي ابتدا آهي. آزاد آڪسيجن هڪ ثانوي ارتقائي قوت بڻجي سامهون آئي. فضا ۾ هن قسم جي تبديلي جي ڪري اوزون جي پٽي بہ قائم ٿي وئي ۽ پوءِ جيو هواباش (Aerobic) زندگي جي قابل ٿيا.

(۶) آخري مرحلي ۾ ارتقا، ڊارون جي مشهور نامياتي ارتقا (Organic evolution) واري نظريہ مطابق ٿي، جنهن جي ڪري ساده جيو زندگيءَ جي اعليٰ ترين منزلن تي پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا.

انوارالدين احمد قريشي

# پاڪستان ۾ ٻجليءَ جي ترقي

**ٻجلي** يعني اليڪٽريسٽي اسان جي زندگي جو اهم جزو بڻجي ويئي آهي. ٻجلي جي رستي اسان گهر روشن ڪريون ٿا، فصلن کي پاڻي پياريون ٿا، پنهنجي ڪاڌي جون شيون تيار ڪري سگهون ٿا، ڪپڙو ۽ ٻيون ضرورت جون ڪيتريون ئي شيون ٺاهي پنهنجي زندگيءَ کي آرامده بڻائي سگهون ٿا. مطلب ته اسان کي زندگيءَ جي هر پهلوءَ لاءِ ٻجلي جي گهرج پوي ٿي.

ٻجلي پيدا ڪرڻ جا ٽي وڏي ۾ وڏا طريقا آهن- (۱) پاڻي (۲) گرمي (۳) ائٽمي قوت. ائٽمي ذريعا اسان جي ملڪ ۾ في الحال ٿورا آهن تنهن هوندي به ائٽمي قوت رستي ٻجلي پيدا ڪرڻ جا ٻه ڪارخانا هڪڙو اولهه پاڪستان جي شهر ڪراچيءَ ۾ ۽ ٻيو اوڀر پاڪستان جي شهر رنگپور ۾ قائم ٿي رهيا آهن.

پاڻي مان ٻجلي پيدا ڪرڻ لاءِ صوبه سرحد ۽ پنجاب ۾ وڏا ٻجلي گهر ٺاهيا ويا آهن. اوڀر پاڪستان ۾ به ڪرنافلي نديءَ تي هڪ وڏو ٻجلي گهر چالو ڪيو ويو آهي. سنڌ ۾ پاڻي جا ذخيرا يا آبشار ڪونه آهن، تنهنڪري اتي گرمي جي رستي ئي ٻجلي ٺاهڻ جو واحد طريقو ٿي سگهي ٿو. گرميءَ رستي ٻجلي پيدا ڪرڻ کي انگريزي ۾ ”ٿرمل اليڪٽرڪ“ سڏجي ٿو. هن طريقي موجب زمين مان نڪرندڙ ٻارڻ جهڙوڪ، گئس، ڪوئلو ۽ ڊيزل تيل جو استعمال ٿئي ٿو. جيئن ته هاڻي گئس وڏي مقدار ۾ سئي علائقي مان نڪري ٿي تنهن ڪري گرمي پيدا ڪرڻ جو خاص ذريعو گئس تي ئي آهي ۽ تيل گهٽ ڪتب آڻجي ٿو. ڪوئلو به هن وقت ٿورو ڪم اچي ٿو.

هندستان جي ورهاڱي وقت اولهه پاڪستان ۾ اٺهتر هزار ڪلوواٽ جي طاقت جا وڏا ٻجلي گهر هئا ۽ اوڀر پاڪستان ۾ فقط ست هزار ڇهه سؤ ڪلوواٽ جا. ان کانسواءِ سموري پاڪستان ۾ فئڪٽرين کي هلائڻ لاءِ چوٽيهه هزار ڪلوواٽ جا خانگي پاور هائوس به هئا. اها ٻجلي ملڪي ضرورتن لاءِ بلڪل ناڪافي هئي ڇو جو ڪيترين ئي صنعتي رٿائن واسطي ٻجليءَ جو ڪاپو وڌندڙ هو تنهن ڪري اوڀر پنجاب (هندستان) مان چار هزار ڪلوواٽ ٻجلي خريد ڪئي ويندي هئي. جڏهن ”رسول“ وٽ آبي ٻجلي گهر ٺاهيو ويو ته هندستان کان ٻجلي جي خريداري بند ڪئي ويئي. ان وقت ڪن مشڪلاتن سبب اسان جي ملڪ ۾ ٻجلي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش وڏي پيماني تي ڪونه ٿي ٿي سگهي.

دراصل ٻجلي جي ترقي جي ابتدا تڏهن ٿي جڏهن اپريل ۱۹۵۹ع ۾ ٻنهي صوبن ۾ واپڊا جو پايو وڌو ويو. ۱۹۵۹ع ۾ اولهه پاڪستان اندر ٻجليءَ جي پيداوار ۱۹۴۷ع جي ڀيٽ ۾ وڌي اٽڪل ٻيڻي ٿي ويئي جا هاڻي اڃا به وڌي ٻارهوڻ کي پهچي ويئي آهي. ساڳي طرح اوڀر پاڪستان ۾ به سال ۱۹۴۷ع کان ستاويهوڻي طاقت جا برقي ڪارخانا قائم ٿي ويا آهن.

اوڀر پاڪستان ۾ مکيه ٻجلي گهر ڪرنافلي، سڌير گنج، چٽگانگ، گوليارا، پيرا مارا، ٺاڪر گائون، کلنا، اشد گنج ۽ شاهه جي بازار ۾ آهن. فقط ڪرنافلي جو ڪارخانو پاڻي تي آهي، باقي ٻيا سڀ گرميءَ تي هلندڙ ٻجلي گهر آهن. ٻجليءَ جي ترسيل ۽ ورڇ جون تارون اٽڪل اڍائي هزار ميلن ۾ پکڙيل آهن.

اولهه پاڪستان ۾ ٻجلي جي پيدائش ۽ ترسيل کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي. هڪڙو اترئين ٻيو ڏکڻ حصو. اترئين حصي ۾ پنجاب، سرحد ۽ بهاولپور اچي وڃن ٿا، اتي جا پاور هائوس پاڻ ۾ ڄار جي تندن وانگر ڳنڍيا ويا آهن، جنهن کي گرڊ سسٽم چئجي ٿو. انهيءَ گرڊ ۾ وارسڪ، مالاڪنڊ، درگائي، ڪرم ڳڙهي، رسول، شاديوال، چيچوڪي مليان، گجرانوالا ۽ ريناڪي جي پاڻي وارن ٻجلي گهرن کانسواءِ لائلپور، ساهيوال، لاهور ۽ ملتان جا گئس يا تيل تي هلندڙ گرم ٻاڦ وارا ٻجلي گهر ۽ لائلپور ۽ بوريوالا جا ڊيزل انجڻين سان هلندڙ پاور هائوس به شامل آهن. انهن پاور هائوسن جي مجموعي طاقت اٽڪل ڇهه لک ڪلوواٽ آهي. ڏاکڻي حصي ۾ سنڌ ۽ بلوچستان اچي وڃن ٿا، جتي

محبوب علي جوکيو - سيتا ر جا

# چمڙو

عام طرح چوندا آهن تہ ”جيڪڏهين چمڙو چڪ هڻندو، تہ پوءِ انوقت تائين نہ، ڇڏيندو، جيستائين ڪا رو گڏهہ هينگ ڪندو.“ اها چوڻي ڪيتري قدر صحيح آهي ان بابت ڪجهہ چئي نٿو سگهجي البتہ ان مان اها مراد آهي تہ چمڙو هڪ نقصان رسائيندڙ جانور آهي.

حقيقت اها آهي تہ چمڙو پاڻ اهڙو خوفناڪ نہ آهي، جهڙو اسين ان کي سمجهون ٿا. هن ڪان ڊپ رڳو انهيءَ ڪري ٿو ٿئي، جو شڪل اهڙي تہ، اڻ وڻندڙ اٿس، جو انسان ان کي رات جو تہ ٺهيو پر ڏينهن جو بہ ڏسڻ پسند نٿو ڪري.

چمڙو پکي بہ آهي ۽ کير پياڪ جانور بہ. پکي ان ڪري آهي، جو پرن سان اڏامي ٿو؛ ۽ کير پياڪ جانور ان ڪري آهي، جو ٻچن کي ٿڃ پياريندڙ آهي. جڏهين چمڙو اڏامندو آهي تہ ائين معلوم ٿيندو آهي ڄڻ ڪا ڇٽي اڏو اڏ ٿي آسمان ۾ اڏامي رهي آهي. ڪڏهين تہ پنهنجن پيرن سان پٽ تي چنبڙي بيهندو آهي ۽ هوريان هوريان مٿي کسڪندو ويندو آهي. ڪڏهين وري پيرن کي سميٽي، صرف پرن جي وسيلي بہ پند ڪندو آهي. جڏهين اڏامڻ شروع ڪندو آهي تہ انسان تي هڪ قسم جي وحشت ۽ هيبت طاري ٿي ويندي آهي، تہ متان اسان جي مٿان ڪري.

ننڍا چمڙا اڏامڻ ۾ تمام قوت ۽ تيز هوندا آهن، پر وڏا چمڙا تيزيءَ سان اڏامي نہ سگهندا آهن. عام طرح چمڙو ابابيلن وانگر هڪ سيڪنڊ ۾ ڏهہ دفعا پَرَ هڻي سگهندو آهي.

چمڙي جي پيرن ۾ ڏهہ مضبوط ننهن هوندا آهن، جن جي وسيلي هو ڇت جي پٽين، يا ڪامن ۾ سولائي سان ابتو لٽڪي پوندو آهي ۽ اتي ئي آرام ڪندو آهي. هن جي پيرن جون مشڪون مضبوط ٿينديون آهن. جڏهين هو سيخن وغيره ۾ لٽڪڻ چاهيندو آهي، تڏهين سندس چنبو ڪلف



ڪان بہ وڌيڪ مضبوط رهندو آهي. اهڙيءَ طرح مٿس ننڊ طاري ٿي ويندي آهي. ان حالت ۾، جيڪڏهين ڪيس گوليءَ سان بہ اڏايو وڃي تہ جيڪر چنبا کونہ ڪڍنس.

چمڙو ڪڏهين بہ سڌيءَ طرح کونہ اڏامندو آهي. پر ورن وڪڙن سان فضا جي بلندين ڏانهن رخ رکندو آهي. عجب اهو آهي تہ رات جي اونداهين ۾ اهڙي ڏنگي ڦڏي طريقي سان اڏامڻ ڪري بہ هو ڪنهن شئي سان ٽڪر نہ کائيندو آهي. ڳالهہ ٿا ڪن تہ اٽليءَ جي علم حيوانات جي هڪ ماهر ”ايس-ڊلانزاني“ هڪ چمڙي کي جهلي انجون اکيون ڪڍي هڪ اهڙي اونداهي ڪمري ۾ ڇڏيو، جنهن ۾ ڏورين ۽ رسين جون ڪيتريون ئي رڪاوٽون هيون. اندو چمڙو برابر هڪ ڪلاڪ ان ڪمري ۾ اڏامندو رهيو، پر ڪنهن بہ رسيءَ سان هڪ دفعو بہ نہ ٽڪريو. تنهنڪري ”ڊلانزانيءَ“ اهو خيال قائم ڪيو تہ قدرت هن کي ڇهون حس بہ عطا فرمايو آهي.

هڪ ٻئي ماهر ”جورسن“ هڪ چمڙي! جا ڪن وڍي ڇڏيا ۽ ان کي هڪ ڪمري ۾ ڇڏي ڏنو. اهو چمڙو

اورنگزيب شيخ

# تماڪ ـ انسان جو گجھو قاتل

اسانجي ملڪ ۾ مختلف طريقن سان تماڪ جو واهپو عام جام ٿئي ٿو. تماڪ جو استعمال ٻن نمونن سان ڪيو وڃي ٿو. ۱- بيڙي، سگريٽ، سگار، پائيپ، حقي يا چلم وغيره ۾ ڇڪيو وڃي ٿو. ۲- پان ۾ وجهي يا نسواڙ بنائي کاڌو وڃي ٿو. دنيا جا ترقي يافته ملڪ جتي تماڪ جو استعمال تمام گهڻي انداز ۾ ٿيندو آهي، تماڪ جي خطرناڪ نتيجن کان آگاه ٿيڻ ڪانپوءِ هاڻي حتي الامڪان اها ڪوشش ڪري رهيا آهن ته ماڻهن کي انهيءَ زهر قاتل کان نجات ڏيارجي پر هن وبا جون پاڙون ايتريون ته پختيون ٿي ويون آهن جو تماڪ واپرائڻ جا عادي ڪافي ڪوشش جي باوجود پاڻکي آجو نٿا ڪري سگهن. ڪروڙين ماڻهو روزانه لکها روپيا تماڪ جي دونهين جي نذر ڪريو ڇڏين. تماڪ جي نقصان جو اندازو هڪ ماهر جي انهيءَ قول مان لڳائي سگهجي ٿو ته: ”هڪ سگريٽ ڇڪڻ سان ڇمار جو هڪ ڏينهن گهٽجي وڃي ٿو.“ برطانيه ۽ آمريڪا جي حڪومتن ته هاڻي قانوني طور تي سگريٽ ٺاهيندڙ ڪمپنين لاءِ اهو لازمي حڪم جاري ڪيو آهي ته سگريٽن جي هر پئڪيٽ تي ”زهر- صحت لاءِ نقصانڪار“ اکر لکيا وڃن- اهو سڀڪجهه ڄاڻڻ جي باوجود اڪثر ماڻهو پنهنجي خوشيءَ سان پئسا خرچ ڪري پاڻکي زهر ڏيئي رهيا آهن.

## تماڪ جي شروعات

دنيا ۾ تماڪ جو استعمال اٽڪل ۵۰۰ سال اڳ آمريڪا کنڊ ۾ جاري هو. ڪولمبس جڏهين اتي پهتو ته هو اتان جي اصلوڪن ماڻهن کي تماڪ پيئندي ڏسي، اچرج ۾ پئجي ويو. ان ڪانپوءِ پورچوگال ۾ فرانس جي سفير مسٽر جين نڪوٽ، ۱۵۶۰ع ۾، تماڪ جو ٻج (جنهنجو نباتاتي نالو نڪوٽينا آهي) فرانس ملڪ ۾ پوکايو. تماڪ مان فرنيچن هڪ الڪلائڊ نڪوٽين (Nicotine) ڳولي ڪڍي. انگلستان ۾ تماڪ جو پهريون استعمال سروالٽ رلبه ڪيو. اها ڳالهه مشهور آهي ته پهريون دفعو جڏهين هو پنهنجي گهر ۾ تماڪ ڇڪي رهيو هو ته سندس نوڪر سمجهيو ته شايد سندس مالڪ کي باه لڳي وئي آهي سو هن پاڻي ڪٽي، سندس مٿان هاريو. ان ڪانپوءِ تماڪ ڇڪڻ جي عادت انگلستان ۾ وبا وانگر پکڙ جي وئي. ان وبا کان ڇوٽڪاري ڏيارڻ لاءِ اتان جي بادشاهه ”جيمس“ هڪ قانون پاس ڪرايو جنهن موجب تماڪ جو استعمال ناجائز قرار ڏنو ويو. پر اتان جا مردخواه عورتون ڏينهون ڏينهن تماڪ جا عادي ٿيندا ويا. انهن جو اهو خيال هو ته تماڪ ڇڪڻ ڪري، ماڻهو چست ٿئي ٿو ۽ انجو دماغ سهڻي نموني سوچ ويچار ڪري سگهي ٿو. ”ين-يو-تنگ“ نالي هڪ چيني مصنف لکي ٿو ته تماڪ ڇڪڻ وقت ماڻهو خوش و خرم ٿئي ٿو ۽ سڀ غم غلط ٿي وڃن ٿا. پر اڄوڪي سائنسي دور ۾ ان خيال کي خود فريبيءَ سان مشابهت ڏيئي سگهجي ٿي ڇو ته حقيقت جو جائزو وٺڻ سان ثابت ٿي چڪو آهي ته تماڪ صحت لاءِ ”زهر قاتل“ آهي.



## تماڪ جا نقصان

تماڪ جي استعمال سان دل جو ڌڙڪو وڌي ٿو، بک گهٽجي وڃي ٿي، هاضمو درست نه ٿو رهي، تور گهٽبي رهي ٿي، ڦڦڙن تي خراب اثر پوي ٿو. انڪري ساهه کڻڻ ۾ تڪليف ٿئي ٿي. گلي جي بيمارين، سلهه ۽ دم جي بيمارين ٿيڻ جو هروقت انديشو رهي ٿو. تماڪ استعمال ڪندڙ، تماڪ کي نه کير، گوشت ۽ اٽن وانگر هڪ غذا سمجهن ٿا، پر کير، گوشت ۽ اٽا وغيره اسانجي بدن کي طاقت ڏين ٿا، ان جي ابتڙ تماڪ انسان کي قبر جي قريب وٺي وڃي ٿو. اسان جي کاڌي جا جز جهڙوڪ: چربي، کنڊ، لوڻ، پاڻي وغيره اسان جي بدن جا جز آهن. پر تماڪ جا جز (الڪلائڊ) اسان جي بدن ۾ موجود ڪونه آهن ۽ نه وري انهن مان اسانجي بدن جا جز ٺهي سگهن ٿا

ان صورت ۾ اهي غير ضروري جز اسانجي بدن کي فائدي پهچائڻ بدران اٽلندو ڇيهو رسائيندا رهن ٿا.

تماڪ ڪهڙي به صورت ۾ استعمال ڪيو وڃي پر اهو هر حالت ۾ نقصان ڪار آهي. ڪاٺڻ جي حالت ۾ ڪجهه وڌيڪ هاڃيڪار آهي، ڇوته ڇڪڻ جي صورت ۾ تماڪ جا ڪجهه زهريلا جز سڙي به وڃن ٿا، باقي جيڪي تماڪ ڇڪيندڙ نڪ مان دونهين ڪيڻ جا عادي آهن، انهن کي تماڪ کائڻ وارن کان به وڌيڪ نقصان پهچي ٿو. ڇاڪاڻ ته نڪ ۾ دونهين چڙهڻ مهل تماڪ جا زهريلا جز جلد رت سان ملي رت کي ساڙڻ لڳن ٿا.

"نڪوٽين" ڪيميائي زهرن مان هڪ خطرناڪ زهر آهي، هن جي هڪ دائي جو ڏيون حصو به هڪ ماڻهوءَ جي زندگي ختم ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي. نڪوٽين برڻ سان ڪاربونڪ تيزاب، پاڻي ۽ نائٽروجن ڏئي ٿي. پر ٿوري تعداد ۾ نڪوٽين جلد بخار ٿي، ڇڪڻ وقت اندر بدن ۾ داخل ٿئي ٿي جا نقصانڪار آهي. جيڪڏهين سگريٽ جي دونهين جي ڪيميائي چنڊ ڇاڻ ڪجي ته ظاهر ٿيندو ته ان ۾ به ٿورا نڪوٽين جا ذرا، جي اندر ننا وڃي سگهن، سي رهجي وڃن ٿا.

جهڙيءَ طرح ڪنهن انسان جي صحت جو دارومدار ان تي نه آهي ته هو ڪيترو کائي ٿو، پر ان تي آهي ته هو ڪيترو هضم ڪري ٿو ۽ منجهس ڪيترو صاف ۽ صالح رت ٺهي ٿو. اهڙيءَ طرح تماڪ جي نقصان جو اندازو به هيئن ڪري سگهجي ٿو ته ڪو ماڻهو، تماڪ ڪيترو ۽ ڪيئن استعمال ڪري ٿو؟ ان مان ڪيترو نڪوٽين خون ۾ ملي تنتي سرشتي ڏي وڃي ٿو ۽ ڪهڙي رفتار سان نڪوٽين سندس بدن جا جزا ۽ خون ساڙي ٿو؟ نڪوٽين جي خون ۾ ملي وڃڻ جو مقدار به هرهڪ ماڻهوءَ جي تماڪ ڇڪڻ جي وزن، طريقي ۽ طبيعت تي مدار رکي ٿو.

جيڪڏهين ڪنهن انڌي ماڻهوءَ کي سنو ڪاڌو اونده توڙي سوجهري ۾ کارائجي ته ٻنهي حالتن ۾ ان نابين کي مزو ساڳيو ايندو. پر جيڪڏهن ڪنهن نظر واري ماڻهو کي ساڳيو سنو طعام سوجهري ۽ اونده ۾ جدا جدا کارائجي تــه ان ماڻهوءَ کـــي لذت ۾ فرق محسوس ٿيندو. اهڙيءَ طرح جيڪڏهين ڪنهن ماڻهوءَ کي تماڪ جي استعمال جي نقصانن جي خبر نه هجي ته انکي ته تماڪ ڇڪڻ مان شايد مزو اچي به ڪٿي، باقي جيڪڏهين ڪنهنکي تماڪ جي تباهه ڪن اثر جي خبر نه هجي ۽ پوءِ به تماڪ نوشيءَ مان مزو محسوس ڪري ته ان جو پوءِ خدا ئي حافظ آهي!

جيڪڏهين تماڪ ڇڪي، انجون دونهون اڇي رومال ۾ بند ڪري، ٿوري دير بعد ڏسبو ته ان رومال تي پيلا نشان نظر ايندا. ان مان صاف ظاهر آهي ته ساڳيو دونهون اسان جي اندر ۾ به اهڙا داغ ڪندو ۽ ان جي اثر ڪري، انسان جا ڦڦڙ، گلو، زبان، ڏند وغيره ضرور متاثر ٿيندا.

ڪي ماڻهو سگريٽ يا بيڙي جو دونهون اندر پيئندا آهن. اها وڌيڪ خطرناڪ عادت آهي، جيڪڏهين ڪو نوجوان، نئون سگريـٽ پياڪ، دونهون انــدر ڇڪيندو رهندو ته اهو ٿــوري گهڻي ڏينهين ســرطان جهڙي موذي مرض ۾ مبتلا ٿي سگهي ٿو.

ڪـي ماڻهو وري صبح جو سـويـر نيراني تماڪ جي استعمال جا عادي هوندا آهن، حالانڪ صبح سوير، رات جي آرام ڪانپوءِ، دونهون رت سان جلد ملي، وڌيڪ نقصان رسائي ٿو. تماڪ جي تمام گهڻي استعمال مان هيٺين چپ کي به سرطان ٿيڻ جو انديشو آهي، تماڪ جي نئين استعمال ڪندڙ کي کنگهه، گلي ۾ خراش، وات جو ذائقو ڪوڙو، آواز خراب، قبضي، بد هضمي وغيره جون تڪليفون پيدا ٿي پون ٿيون.

ڳائڻن کي به تماڪ بلڪل استعمال نه ڪرڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته هڪ دفعو ڪنهنجي به آواز جي ميناج تي تماڪ اثر انداز ٿيو ته پوءِ هو ڪيتريون به ڪوششون، دوائون وغيره ڪري، پر پهريون منو ۽ سوز وارو آواز موٽي ملڻ مشڪل اٿس.

ان ۾ ڪو به شڪ ڪونهي ته جيئن شراب ماڻهن لاءِ نقصان ڪار آهي، تيئن تماڪ جنهن ۾ نڪوٽين آهي، سو به انسان جي صحت لاءِ هلڪي زهر مثال آهي. ڇاڪاڻ ته تماڪ جو خراب اثر ماڻهوءَ جي تنتي سرشتي تي آهستي آهستي اثر انداز ٿئي ٿو ۽ تماڪ جو موالي ڏينهون ڏينهن موت جي دروازي ڏانهن وڌندو وڃي ٿو.

جيڪڏهين تماڪ جي نشئي کي هڪدم تماڪ

(بقايا ڏسو صفحو ٢٨)

# ٻارن جا صفحا

مرتب: مرتضيٰ ٻٽي

## ترتيب


| مضمون | لکندڙ | صفحو |
|---|---|---|
| **نامور سائنسدان** | | |
| سر آئزڪ نيوٽن | اداره | ٢٩ |
| **سائنس جا ڪرشما** | | |
| ٻجليءَ جي گھنٽي | سيد مبارڪ علي شاه | ٣١ |
| **حيوانن جي دنيا** | | |
| نانگ ۽ بلائون | لياقت علي مگسي بلوچ | ٣٣ |
| پچو ۽ پرايو | اداره | ٣٥ |
| اوهانجو امتحان | محمد حيات ڪاڪا | ٣٧ |
| **سائنسي وندر** | | |
| (١) شيشي مان آرسي ناهڻ | شميم | ٣٨ |
| (٢) شيشي تي تصويرون ناهڻ. | خيرالنسا | ” |
| ذرتي مان حاصل ٿيندڙ شيون | روشن علي بلوچ | ” |
| ٻارن کي ٽيليويزن ڪيئن ڏسڻ گهرجي. | | ٣٩ |
| توهانکي خبر آهي؟ | | ” |


نامور سائنسدان — اداره

# سر آئزڪ نيوٽن

## جنهن زمين جي ڪشش ۽ روشنيءَ جا راز معلوم ڪيا



”جيڪڏهين صوف وڻ هيٺ ڪري سگهي ٿو ته پوءِ چنڊ، آسمان مان زمين تي چو نٿو ڪري پوي! اها ڪهڙي طاقت آهي جيڪا چنڊ کي زمين کان ايترو پري بيهاريو بيٺي آهي؟“ اهڙيءَ قسم جا خيال هڪ انگريز نوجوان جي ذهن ۾ انوقت پيدا ٿيا جڏهين هن هڪ دفعي هڪ باغ ۾ وڻ مان صوف زمين تي ڪرندو ڏٺو. ان مسئلي تي سوچيندي سوچيندي نيٺ هو انهيءَ نتيجي تي پهتو ته زمين ۾ هڪ اهڙي طاقت آهي جيڪا هر شي کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿي. انهيءَ دريافت سبب ”سر آئزڪ (اسحاق) نيوٽن“ نالي ان شخص سائنس جي دنيا ۾ مشهوري حاصل ڪئي.

چنڊ هيٺ نه ڪرڻ جو سبب، نيوٽن اهو معلوم ڪيو ته چنڊ زمين ڏانهن ڇڪجي ٿو پر فضا ۾ چنڊ جي تيز حرڪت، زمين جي ڪشش کي رد ڪريو ڇڏي. هن اهو به پتو لڳايو ته جيڪڏهين صوف کي زمين ڏانهن ڇڪڻ واري قوت چنڊ کي به زمين ڏانهن ڇڪي ته ان قوت کي خلا ۾ ڪافي حد تائين وڌيل هئڻ گهرجي.

نيوٽن ١٦٤٢ع ۾ انگلستان جي ”وولز ٿاپ“ نالي هڪ

شهر ۾ هڪ غريب هاريءَ جي گهر ۾ ڪرسمس جي ڏينهن ڄائو ۽ ان کان هڪ ڏينهن اڳ سندس پيءُ دنيا مان لاڏائو ڪري چڪو هو. ننڍي هوندي هو پڙهڻ ۾ ايترو هوشيار نه هو. ڇيو وڃيئو تہ پنهنجي ڪلاس جي هڪ هوشيار ڇوڪر جي مقابلي ۾ هر دفعي هار کائيندي کائيندي ايترو تنگ ٿي پيو جو نيٺ سخت محنت ڪري پهريون نمبر حاصل ڪيائين.

١٨ سالن جي عمر تائين حساب داني (رياضيءَ) ۾ هو ايڏو تہ ماهر ٿي ويو جو سندس استادن ۽ مائٽن کي بہ ان تي حيرت ٿيڻ لڳي. نيوٽن جي قابليت ڏسي سندس چاچي کيس ڪيمبرج يونيورسٽيءَ ۾ داخل ڪرايو جتي ٩ سال تعليم حاصل ڪرڻ کانپوءِ هنکي رياضيءَ جو پروفيسر مقرر ڪيو ويو.

انهيءَ وچ ۾ نيوٽن روشنيءَ جي شعاعن جو مطالعو ڪري ڪيتريون ئي اهم ڳالهيون معلوم ڪري ورتيون. مثال طور هن پردي جي هڪ سوراخ ذريعي اونداهي ڪمري ۾ سج جي روشني داخل ڪئي. روشنيءَ جي انهيءَ باريڪ شعاع کي وري شيشي جي ٽڪنڊي منشور مان لنگهايو جنهنڪري روشني اڇي رنگ جي بدران انڊلٺ جي شڪل ۾ نمودار ٿي. نيوٽن اها ڳالهہ دريافت ڪرڻ وارو پهريون شخص هو تہ روشني دراصل ڪيترن ئي رنگن جي ملاوت سان ٺهي ٿي، جن کي جدا ڪري وري بہ ملائي بہ سگهجي ٿو.

روشنيءَ بابت انهيءَ تحقيقات لاءِ نيوٽن دوربين کان ڪم ورتو. ان وقت تائين دوربين انهيءَ طريقي سان بنائي ويندي هئي جيڪو "گليلو" دريافت ڪيو هو. نيوٽن پنهنجي تحقيقات ذريعي اهو معلوم ڪيو تہ ڪيترائي گره جيڪي زمين کان گهڻي مفاصلي تي آهن، انهن کي ڏسڻ لاءِ ڪنهن اهڙي اوزار جي ضرورت آهي جيڪو هلڪي کان هلڪي روشنيءَ کي بہ تيز ڪري. ان اصول تي هن هڪ دوربيني تيار ڪئي جنهن جي چمڪندڙ شيشن تي تارن جي روشني پوندي هئي. ان روشنيءَ کي دوربينيءَ جي معمولي شيشن جي مدد سان ڏٺو وڃي تہ اهڙا تارا بہ ڏسڻ ۾ ايندا جيڪي عام دوربيني سان ڏسڻ ۾ نٿا اچي سگهن. اڄڪلهہ تارن کي ڏسڻ لاءِ جيڪي دوربينيون استعمال ڪيون وڃن ٿيون، اهو نيوٽن جي ٺاهيل دوربينيءَ جي ئي اصول تي ڪم ڪن ٿيون. هن دوربينيءَ جي ايجاد سان نيوٽن جي شهرت وڌي ويئي ۽ ٻيا سائنسدان بہ سندس تحقيقات ۾ دلچسپي وٺڻ لڳا. نيوٽن جي سائنسي خدمتن جي قدردانيءَ طور کيس ١٦٧٥ع ۾ انگلستان جي "رائل سوسائٽيءَ" جو فيلو چونڊيو ويو. ان کانپوءِ هن پنهنجي سائنسي تقحيقات بابت هڪ ڪتاب لکيو. پر هن وٽ اهو ڪتاب ڇپائڻ جيترا پئسا بہ ڪونہ هئا تنهنڪري "هيلي" نالي سندس هڪ سائنسدان دوست اهو ڪتاب پنهنجي خرچ سان ڇپائي ١٦٨٥ع ۾ شايع ڪيو. ١٦٩٢ع ۾ نيوٽن سخت بيمار ٿي پيو ۽ ٻن سالن تائين بيماريءَ ۾ مبتلا رهيو. تندرست ٿيڻ کانپوءِ ١٦٩٥ع ۾ کيس انگلستان جي شاهي ٽڪسال (سڪا ٺاهيندڙ ڪارخاني) جو وارڊن (نگران) مقرر ڪيو ويو. نيوٽن، ٽڪسال ۾ وڏي محنت ۽ خوبيءَ سان پنهنجا فرائض بجا آندا تنهنڪري ڇهن سالن کانپوءِ کيس ترقي ڏيئي ٽڪسال جو "ماسٽر" بڻايو ويو جيڪو سڀ کان وڏو عهدو هو.

برطانوي قوم نيوٽن جي خدمتن جي عيوض هنکي وڏا وڏا اعزاز ڏنا. ١٦٨٩ع ۾ هنکي يونيورسٽيءَ طرفان پارليامينٽ جو ميمبر چونڊيو ويو. ١٧٠٤ع ۾ برطانيہ جي ملڪہ، ڪيمبرج جي دوره وقت نيوٽن کي "سر" جو خطاب ڏنو. انهيءَ زماني ۾ کيس رائل سوسائٽيءَ جو صدر چونڊيو ويو ۽ اهو اعزاز کيس مرڻ تائين حاصل رهيو. پنهنجي آخري وقت ۾ هو سائنسي تحقيقات جاري رکي نہ سگهيو پر سائنسي معاملن ۾ برابر دلچسپي وٺندو رهيو.

٢٠ مارچ ١٧٢٧ع تي نيوٽن گردي جي بيماري سبب انتقال ڪيو. کيس انگلستان جي شاهي قبرستان "ويسٽ منسٽر ايبي" ۾ دفن ڪيو ويو. اها آهي انهيءَ غريب هاريءَ جي پٽ جي ڪهاڻي، جنهن کي ٻارهن سالن جي عمر تائين اسڪول ۾ داخل ٿيڻ جو بہ موقعو نہ ملي سگهيو پر هن پنهنجي محنت ۽ ڪوشش سان نہ فقط شهرت ۽ عزت حاصل ڪئي پر پنهنجي تحقيقات سان دنيا کي اهڙا فائدا پهچايا جنهن کي انسان ڪڏهين بہ وساري نہ سگهندو.

سيد مبارڪ علي شاهه - حيدرآباد سنڌ

# بجليءَ جي گهنٽي



اڪثر ٻارن چقمق ته ڏٺو هوندو جيڪو لوهه وارين شين کي کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندو آهي. جيڪڏهن اوهان لوهه جو ڪو مستطيل ٽڪر کڻي ان مٿان ڪو چقمق ٻه ٽي دفعا گهمائيندا ته اهو لوهه جو ٽڪر پڻ چقمق بڻجي ويندو. ان جو سبب اهو آهي ته لوهه مان ٺهيل سڀ شيون جن کي چقمق پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿو انهن ۾ ننڍا ننڍا مقناطيسي ذرا موجود هوندا آهن مگر انهن جي ترتيب غلط هوندي آهي جنهن ڪري هو پنهنجو زور هڪ ٻئي ۾ وڃائي ڇڏيندا آهن (شڪل-١). پر چقمق مان نڪرندڙ چقمقي ليڪون جڏهن ان لوهه واري ٽڪر مان لنگهن ٿيون ته ان جي ذرن جي ترتيب صحيح بڻايو ڇڏين (شڪل ٢-) جنهن ڪري ان ۾ چقمق واريون خاصيتون پيدا ٿيو وڃن.

ٻارو، سائنسدانن اهو پڻ معلوم ڪيو آهي ته بجليءَ جو ڪرنٽ جنهن پسرائيندڙ تار مان لنگهي ٿو، انجي چوڌاري اهي چقمقي ليڪون پيدا ٿين ٿيون. تنهنڪري اسان جيڪڏهن مٿين طرح ڪنهن لوهه جي ٽڪر جي چوڌاري اها پسرائيندڙ تار ويڙهيون جنهن ۾ ڪرنٽ اچي رهيو هجي ته ان مان نڪرندڙ چقمقي ليڪون ان لوهه جي ٽڪر جي مقناطيسي ذرن جي ترتيب کي درست ڪنديون ۽ اهو ٽڪر چقمق بنجي ويندو، پر آن ۾ اها چقمقي خاصيت ان وقت تائين رهندي جيستائين ان مان بجليءَ جو ڪرنٽ لنگهندو. اهڙي چقمق کي بجليءَ جو چقمق (Electro-magnate) چئبو آهي.

بجليءَ جي گهنٽي پڻ انهيءَ اصول تي ٺاهي وئي آهي، جنهن ۾ هڪ بجليءَ جو چقمق هوندو آهي جيڪو مٿان لڳل لوهه جي پٽريءَ کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندو آهي جنهن سان لوهه واري پٽري ڇڪجي ايندي آهي ۽ ان جي مٿين حصي تي لڳل هٿوڙو گهنڊ تي لڳي آواز پيدا ڪندو آهي.

بجليءَ جي گهنٽي هيٺين مختلف حصن تي مشتمل هوندي آهي:—

**١- چقمقي ڪوائل:-** ڪاٺيءَ جي گول ريلن تي سنهي تار سان ڪوائل ويڙهيل هوندو آهي. هڪ گهنٽيءَ ۾ ٻه ڪوائل هوندا آهن جيڪي ڪرنٽ گذرڻ سان ٻه مقناطيسي قطب؛ اتر قطب (North Pole) ۽ ڏکڻ قطب (South Pole) ٺاهيندا آهن. (شڪل-٣)

**٢- لوهه جا قطب:-** ڪوائل جي اندر لوهه جا ٻه ٽڪر ٿين ٿا جيڪي پويان هڪ ٻئي سان مليل هوندا آهن. ڪرنٽ لنگهڻ سان انهن لوهه جي ٽڪرن مان چقمقي



# پڇو ۽ پرايو

هي ڪالم ٻارن طرفان پڇيل سوالن جي جوابن لاءِ مخصوص ڪيو ويو آهي. سوال مختصر ۽ سائنسي معلومات بابت هئڻ گهرجن. هر ٻار کي هر مهني فقط هڪ سوال پڇڻ گهرجي، جيئن سڀني ٻارن کي جواب وٺڻ جو موقعو ملي سگهي. (ايڊيٽر)

**علي بخش بلوچ ڳوٺ حاجي پنهل**

**سوال-** رات جو جڏهين چنڊ هوندو آهي ته تارا ٿورا ۽ جڏهين نه هوندو آهي ته تارا گهڻا ڏسڻ ۾ ايندا آهن ائين ڇو ٿيندو آهي؟

**جواب-** آسمان ۾ تارا هر وقت ۽ هر گهڙي موجود هوندا آهن. ڏينهن جو انهي ڪري نظر نه ايندا آهن جو سج جي روشني هوندي آهي. ساڳيءَ ريت رات جو جڏهين چنڊ ڏسڻ ۾ ايندو آهي تڏهين چنڊ جي روشني جي ڪري تارا گهٽ نظر ايندا آهن. جنهن رات چنڊ نه هوندو آهي ۽ اونداهي هوندي آهي ته تارا وڌيڪ روشن نظر ايندا آهن ۽ ائين محسوس ٿيندو آهي ته سڄو آسمان تارن سان ڀريو پيو آهي.

**پيسو مل ٽاڊو ٻولا خان**

**سوال-** هڪ آڪسيجن گئس قدرتي هوندي آهي ٻي آڪسيجن گئس هٿرادو ٺاهي ويندي آهي. ٻنهي ۾ ڪهڙو فرق هوندو آهي؟

**جواب-** آڪسجن گئس چاهي هوا ۾ هجي، يا پاڻيءَ ۾ يا ڪنهن ٻي ڪيميائي مرڪب ۾ موجود هجي پر ان جون بنيادي خاصيتون ساڳيون هونديون آهن ۽ منجهن ڪوبه فرق ڪونه هوندو آهي.

**نوراحمد نظاماڻي ٽنڊو قيصر**

**سوال-** انسان خواب ڪيئن لهندو آهي؟

**جواب-** سائنسدانن کي اڃا خواب جي صحيح حقيقت معلوم ٿي نه سگهي آهي. ڪن سائنسدانن جو خيال آهي ته انسان جون جيڪي خواهشون پوريون ٿي نه سگهنديون آهن سي هو خواب ۾ پوريون ڪري ٿو. حقيقت هن ريت آهي ته انسان جاڳندو هجي يا ستل هجي، هن جي دماغ ۾ خيال هميشه ڦرندا رهن ٿا يا ائين ڪٿي چئجي ته جيڪي خيال اسان جي دماغ ۾ ننڊ وقت اچن ٿا سي خواب آهن. ڪن نفسيات جي ماهرن جو خيال آهي ته اسانجي دماغ ۾ ٻه خانا آهن هڪ شعور جو ٻيو لاشعور جو. جيڪي اسين دنيا ۾ ڏسون ۽ سمجهون ٿا آهي خيال پهرين شعور واري خاني ۾ وڃن ٿا ۽ ان کان ڪجهه ڏينهن پوءِ لاشعور واري خاني ۾ جمع ٿيندا وڃن ٿا. جاڳڻ وقت اسانجو شعور ڪم ڪري ٿو. سمهڻ وقت شعور به سمهي ٿو ۽ لاشعور ڪم ڪري ٿو جنهنڪري اسين خواب ڏسون ٿا.

**شميم ڪاڪا حيدرآباد**

**سوال-** امرت ڌارا ڪيئن ٺهندو آهي؟

**جواب-** امرت ڌارا يا شو ڌارا اڪثر ٽن شين جو

محمد حيات ڪاڪا - حيدرآباد

# اوهانجو امتحان

سوال ١:- ڪنهن ڳوٺ جا ٻاتي هڪ ڏينهن پڪنڪ تي ويا سير تفريح ڪانپوءِ ڪاڌي جي طلب ٿين . تنهن تي ڀرٽ ٻاءُ کان پڇيو ته چٽڻي ناهٽي آهي تنهن لاءِ تو سرڪو آندو هو، اهو ڪٿي آهي؟ ٻاءَ جواب ڏنس ته بار کڻي هلڻ ڪري مون سرڪوءِ گيهه جداجدا ٻن شيشن جي بدران هڪ ئي شيشي ۾ وجهي ڇڏيا آهن- تنهن تي سڀ اچي مٿس ڪليا ۽ مائس ناراض ٿي چيس ته ڪهڙو نه بيوقوف آهين! هاڻي اسين ڇا کائون؟ مون کي سرڪو گهٽو وٽي ٿو ۽ ٻئين رڳو گيهه کائيندو آهي. تنهن تي ڇوڪري مرڪي جواب ڏنو ته ”مان بيوقوف ئي سهي پر توهان کي جيترو ٻه گهه يا سرڪو کپي آءُ اهي اوهان کي جدا جدا ڪري ڏيئي ٿو سگهان. پوءِ هرهڪ کي پنهنجي ضرورت آهر گيهه ۽ سرڪو جدا جدا ڪري ڏنائين . ڇا ٻارو! اهو اوهان ٻڌائي سگهندا ته هن اهي ٻئي شيون هڪ ٻئي کان ڪيئن جدا ڪيون؟

سوال ٢:- توهان پنهن جي ڳوٺ جي پنساريءَ جي دڪان تي وڃو ٿا- هو اوهان کي پڙهيل سمجهي ٽي شيشا بغير نالن ۽ نشانن جي اوهان وٽ ڪٽي اچي ٿو ۽ چوي ٿو ته اهي ٽيئي شيشا، ٽن مختلف تيزابن سان ڀريل آهن، پر برسات ڪري انهن جون لڪيل چٺيون لهي ويون آهن. هاڻ مون کي خبر نٿي پوي ته انهن مان ڪهڙو شوري جو تيزاب ڪهڙو نمڪ جو تيزاب ۽ ڪهڙو گندرف جو تيزاب آهي؟ ڇا اوهان اهڙي صورت ۾ تنهي تيزابن کي پرکي سگهندا؟ ڪو سولو طريقو ٻڌايو .

(صحيح جواب مئي جي پرچي ۾ پڙهندا)



# ٻارن کي ٽيليويزن ڪيئن ڏسڻ گهرجي؟

نانيڙن ٻارن کي ڪيترو وقت ٽيليويزن ڏسڻ گهرجي؟ ڪهڙا پروگرام ڏسڻ گهرجن، ۽ ٽيليويزن ڪهڙيءَ طرح ڏسڻ گهرجي؟ انهن سوالن جا جواب جرمنيءَ جي تعليم کاتي طرفان جاري ڪيل هدايت ناميءَ ۾ ڏنا ويا آهن. هي هدايت نامو هر طبقہ سان واسطو رکندڙ ماهرن جي صلاح مشوره سان تيار ڪيو ويو آهي - ان تي عمل ڪرڻ سان ٽيليويزن ڏسندڙ ٻارن جي ذهن ۽ صحت تي سائنسي نقطہ نگاه کان خراب اثر نہ پوندو.

١- سمهڻ کان هڪ ڪلاڪ اڳ ٽيليويزن ڏسڻ بند ڪجي تہ جئين دماغ ٻاهرين خيالن کان خالي رهي.

٢- کاڌو کائڻ وقت ٽيليويزن نہ ڏسڻ گهرجي ڇو تہ ان سان هاضمي تي خراب اثر پوندو.

٣- ٽيليويزن ڏسڻ وقت ٽيليويزن سيٽ کان ٽي چار وال پري وهڻ گهرجي. ان ڪانسواءِ ڪمري ۾ ٻي بہ روشني (ٿلهي ڪيتري بہ گهٽ هجي) هئڻ ضروري آهي نہ تہ اکين تي گهڻو بار پوندو.

٤- ٻارن کي هڪ ئي هنڌ ويهي آرام سان پروگرام ڏسڻ گهرجي پر ٿوري ٿوري وقت کانپوءِ کين پاسو ورائيندو رهڻ گهرجي نہ تہ بدن ۾ ٿڪ ٿي پوندو.

٥- جلدي ڪاوڙ ۾ ايندڙ ٻارن کي ٽيليويزن نہ ڏسڻ گهرجي.

٦- جاسوسي ۽ لڙائي جهڳڙي وارا ڊراما ۽ فيچر ڏسڻ کان پرهيز ڪرڻ گهرجي.

٧- پروگرام ڏسڻ کانپوءِ سمجهہ ۾ نہ ايندڙ ڳالهين بابت کين وڏن مائٽن کان ان بابت پڇا ڳاڇا ڪرڻ گهرجي تہ جئين سندن خيالن ۾ مونجهارو پيدا نہ ٿئي.

## توهانکي خبر آهي



موڪليندڙ:- شبير احمد پٺي
حيدرآباد سنڌ

- پکين جي دل هڪ منٽ ۾ پنج سؤ دفعا ڌڙڪي ٿي.
- آلجبرا جو موجد "محمد ابن موسيٰ خوارزمي" نالي هڪ مسلمان سائنسدان هو.
- پاڪستان ۾ سڀ کان وڏي پل "لئنسڊائون" پل سکر ۾ آهي. اها ٨٢ فوٽ ڊگهي آهي. هيءَ پل ١٩٢٩ع ۾ ٺهي راس ٿي هئي.
- هٽڙادو رنگ ناهيندڙ سائنسدان جو نالو "وليم هينري ڪوپن" آهي.
- دنيا جو سڀ کان پهريون لائيٽ هائوس ٽين صدي قبل مسيح ۾، مصر جي بندرگاهہ اسڪندريہ جي نزديڪ "فيروس" نالي هڪ ٻيٽ ۾ سينسي ڊوز جي شهنشاهہ "سوسٽراٽس" تعمير ڪرايو. انجو شمار دنيا جي ستن عجائبات مان ڪيو ويندو.
- شترمرغ هڪ اهڙو پکي آهي جيڪو اڏامي نہ سگهندو آهي.

( بقايا - "ابن الهثيم" )

ان معاملي تي ڪافي غور ويچار ڪيو ۽ عملي تجربا ڪيا پر ڪاميابيءَ جي ڪا به صورت نظر نه آيس . تنهن هوندي به خليفي هنجي ڪوشش جي قدرداني ڪئي ۽ کيس هڪ وڏو عهدو ڏنائين . ڪجهه عرصي ڪانپوءِ هن پنهنجا علمي مشاغل جاري رکڻ لاءِ دنياداريءَ کي ڇڏي، گوشه نشين ٿـي، پنهنجو سڄو ڌيان ڪتابن لکڻ ڏانهن ڏنو . تاريخ نويس لکن ٿا ته ابن الهثيم ٽن موضوعن ۱- اقليدس ۲- متوسطات ۽ ۳- مجسطي بابت ڪتاب لکندو هو ۽ انهن جي وڪري تي پنهنجو گذران ڪندو هو .

**تصنيفون -**

ابن الهثيم جيتوڻيڪ علاج معالجه ڪونه ڪيو پر ارسطو ۽ جالينوس جي ڪيترن ئي طب ۽ حڪمت جي ڪتابن جي اهڙي واضح سمجهاڻي ڏني آهي جو اهي ڪتاب بخوبي سمجهه ۾ اچڻ لڳا. طب جي فن ۾ علمي لحاظ کان هنجي برتري مسلم هئي. ابن الهثيم جي تصنيفن ۽ ترجمن جو تعداد تمام گهڻو آهي. سندس تصنيفون ٻن قسمن جون آهن :

(۱) علم رياضي جي سلسلي ۾ هنجا ۲۵ ڪتاب لکيل آهن جن ۾ اقليدس، هندسه علم العدد، حساب، جبر و مقابله، آس جي گهڙي، قبله نما اوزار ۽ جغرافيه وغيره شامل آهن .

(۲) طبعيه ۽ الاهيات جـي علمن جي سلسلي ۾ سندس ۴۴ ڪتاب لکيل آهن جـن مان فرفوريوس جي ڪتاب "المدخل" ۽ ارسطو جي ڇهن منطقن جي ڪتابن جو خلاصو آهي. "ڪتاب في تقويم الضاعة الطبيه" به ابن الهثيم جي مشهور ڪتابن مان هڪ ڪتاب آهي جنهن کي جالينوس جـي اٽڪل ٽيهن ڪتابن جـو نچوڙ ليکيو وڃي ٿو .

۱۰۲۹ع ۾ ۶۳ سالن جـي ڄمار ۾ پنهنجي دور جي هن نامور عالم قاهره ۾ وفات ڪئي .



( بقايا "ڏنگ ۽ بلائون" )
( آنڊل صفحي ۳۴ تان )

تلهي ۽ وزني ٿيندي آهي، جنهن جو وزن ۲ مڻ کان ۵ مڻ تائين ٿيندو آهي. هي نانگ ٿولهه سان گڏ خوبصورت به هوندو آهي. هي نانگ عام طور تي جابلو علائقن ۽ جهنگلن ۾ ملندو آهي. ننڍن پکين ۽ ننڍن جانورن مثل سهن گدڙن، لومڙن ۽ ٻين جانورن کي ڳهي ويندو آهي. ڳهڻ کان پوءِ ڪنهن وڏي وڻ سان ٻاڌ کي ويڙهي شڪار کي هضم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ڪڏهين نه انساني ٻارن، ٻڪرين ۽ رڍن کي به ڳهي ويندو آهي. نانگ حيوانن جي ان قسم سان تعلق رکي ٿو جيڪي پنهن جي قسم (Species) کي به کايو وڃن تنهن ڪري نانگ دشمني جي علامت آهي. سڀئي حيوان پنهن جي نوع جي حفاظت جي ڪوشش ڪندا آهن پر نانگ پنهن جي نوع جو به دشمن آهي.

**نانگن جا فائدا:-** نانگن ۾ جيترا نقصان آهن اوترا فائدا به آهن، ڇاڪاڻ ته نانگ ننڍن جانورن کي مثلا ڪيئن ۽ حشرات الارض کي کائيندو آهي، تنهن ڪري هي زميندار ۽ هارين جو دوست آهي. اهي سڀئي حشرات الارض ۽ ننڍا ننڍا جيت جيڪي فصلن کي نقصان پهچائيندا آهن اهي نانگ جي غذا آهن.

انهيءَ ڪري سنڌ جي هارين ۾ اها عادت آهي ته ضرورت ڪانسواءِ نانگ کي نه ماريندا آهن. انهن جو اهو اعتقاد انهيءَ حد تائين وڌيل آهي جو ان باري ۾ ڪيترا قصا مشهور آهن ته فلاڻو نانگ دولت تي پهرو ڏيندوآهي، تنهن ڪري هن کي نه ماريو وڃي. پر اهو خزانو اصل ۾ فصلن کان سواءِ ڪجهه به نه آهي، جنهن جـي نقصان پهچائيندڙ جيتن کي ماري نانگ آبادگار جي مدد ڪندوآهي.

**نانگ جو زهر-** نانگ جو زهر بذات خود هڪ ترياق آهي ۽ اينٽي سيپٽڪ (Anti Septic) آهي. انساني جسم جي پراڻي کان پراڻي ناسور ۽ زخم تي جيڪڏهن ڪاري نانگ جي کل جو مرهم رکيو وڃي ته مريض شفاياب ٿي ويندو آهي. اهو ناسور جو آخرين علاج آهي. نانگ جو زهر دوا سازي ۾ به استعمال ڪيو ويندو آهي.

اوهان کي پڏي تعجب ٿيندو ته نانگ جي برآمد پاڪستان جي برآمدات جو هڪ اهم ۽ مستقل آئٽم آهي.

